# THE UNIVERSITY OF SUFISM AND MODERN SCIENCES
# BHITSHAH, SINDH, PAKISTAN

**EXCELLENCE | INTEGRATION | LEADERSHIP**

Press Release No. USMS/PR/07 /2019 Dated: 30 August 2019

## <u>پريس رليز</u>

ڀٽ شاهه (پريس رليز) يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائينس ڀٽ شاهه ۾ وزيراعظم پاڪستان عمران خان جي هدايت تي اڄ ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي لاءِ ”ڪشمير آور“ ملهايو ويو، ان حوالي سان تقريب يونيورسٽي جي ڪانفرنس هال ۾ 12 بجي ٿي گذري، جنهن ۾ پاڪستان ۽ ڪشمير جو قومي ترانو وڄايو ويو، جڏهن ته شاگردن، شاگرديائڻين، پروفيسرن ۽ ليڪچرارن تقريب ۾ شرڪت ڪري ڪشميري ڀائرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو، جنهن بعد وائيس چانسلر آفيس کان يونيورسٽي جي مک گيٽ تائين يڪجهتي ريلي پڻ ڪڍي وئي، جڏهن ته يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر پروين منشي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته پاڪستان قوم والاريل ڪشمير جي مسئلي تي متحد آهي، اسان ڪشمير جي مظلوم عوام سان گڏ بيٺل آهيون، انشاءَ الله ڪشمير کي پاڪستان جو حصو بڻائي سرخرو ٿينداسين. هوڏانهن تقريب ۾ پروفيسر ڊاڪٽر سوڀو خان جمالي، ڊاڪٽر علي مراد لجواڻي، ڊپٽي رجسٽرار عامر ڪبريا، سيد واصف شاهه، علي گوهر ٽالپر ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

**ترجمان: يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز**

**فون نمبر:** 0345-3555951